1. مشتاق گبول

# نارايڻ شيام جي دوهن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

# An-analytical and Critical Study of Naraen Shyam,s Doha's


***Abstract:***

*Sheikh Ayaz and Narayan Shyam are well_known to have laid the basis of new traditions in modern Sindhi poetry in addition to blessing it with linguistic beauty, thematic expansion, new forms, innovation, depth and new freshness. It later on altogether changed the environment of Sindhi poetry. Narayan Shyam's Doha are a beautiful amalgamation of progressive enlightenment, graphic description, romance and creativity. He has used language in his Doha in a creative and delightful manner. His way of poetic description is purely creative in nature.He is simultaneously as simple and unique in his method of expression and presentation as he is deep and profound. Shyam's dhoha undoubtedly reflect expression of love feelings/ emotions through creativity and imagism. Shyam's Doha are the best manifestation of imagism, creativity and human emotions. There are found new and vast trends of, art, thought, aesthetics and creativity. Like Haiko in Doha, he is such an artistic poet who knows well the art of imagism, creativity and giving things natural expression.*


نارائڻ شيام ڳوٺ کاهي قاسم (ضلع نوشهرو فيروز) ۾ 22 جولائي 1922ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو گوکل داس هو. جيڪو مختيارڪار هو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ شيام وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪراچي ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي. 1947ع ۾ ورهاڱو ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ شيام پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان هليو ويو هو. اتي دهلي ۾ وڃي رهيو. جتي شيام کي ڪلارڪ جي نوڪري ملي. هن هيڊ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ 1980ع ۾ رٽائرمينٽ ورتي. شيام 69 سالن جي ڄمار ۾ 1988 ۾ هن فاني دنيا کي ڇڏيو.

اياز ۽ شيام جي شاعريءَ جي چمڪ، شاگرديءَ واري دؤر ۾ ئي چمڪڻ لڳي هئي. ان زماني ۾ ئي قديم سنڌي شاعري جي صنفن کي نئين زماني جي خيالن مطابق ٻيهر رائج ڪيو ويو. ٻيوس ۽ دلگير کان پوءِ، ان دؤر ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جي سرواڻي اياز ۽ شيام ڪري رهيا هئا. اهي ٻئي شاعر نظم، گيت، غزل، سانيٽ ۽ ترائيل جهڙين صنفن ۾ طبع آزمائي ڪري

1. ريسرچ اسڪالر

رهيا هئا ۽ ڪلاسيڪل شعري صنفن کي جديد رنگ ۾ رنگي نئين سجاڳ ڏئي رهيا هئا. ان دؤر ۾ ڪراچي ۾ گوبند مالهي ۽ سوڀو گيانچندائي، ”انجمن ترقي پسند“ جو بنياد رکيو هو. سنڌي ادب ۾ جدت، ترقي پسنديءَ، روشن خياليءَ ۽ سماجوادي عنصر، ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ آيا. ان کان علاوه فني فڪري ۽ موضوعاتي لحاظ کان سنڌي شعري ۽ نثري ادب ۾ وڏي وسعت پيدا ٿي. نون لاڙن، رجحانن ۽ جدت کان سنڌي شاعري آشنا ٿي. ان دؤر ۾ ئي جديد سنڌي شاعري جو تاجي پيڙهو جڙي رهيو هو.

شيام، جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نئين روايتن جي بنياد وجهڻ سان گڏوگڏ، ان کي ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ، موضوعاتي وسعت، نوان گهاڙيٽا، جدت ۽ نواڻ، گهرائي، ندي جهڙي رواني ۽ نئين تازگي بخشي. جنهن کان پوءِ جديد سنڌي شاعريءَ جي فضا بدلجي وئي ۽ ان ۾ ترقي پسندي، روشن خيالي، سياست ۽ سياسي چالبازين ۽ انقلاب جهڙا موضوع شامل ٿي ويا. شيام جي دوهن ۾ ترقي پسندي ۽ روشن خياليءَ، منظر نگاريءَ ۽ رومانس، تخيل ۽ منظر جو گڏيل امتزاج آهي. هن جي دوهن ۾ ٻوليءَ جو تخيلقي استعمال، نفاست، نزاڪت، ميٺاج ۽ مڌرتا آهي. ان کان علاوه هن وٽ شعر جو اندازِ بيان نج تخليقي آهي.

شيام، جيترو پنهنجي اندازِ بيان ۽ پيشڪش ۾ سادو ۽ نرالو آهي، اوترو ئي گهرو ۽ ڳوڙهو بہ آهي. شيام جي دوهن ۾ منظر ۽ تخيل جي ذريعي عشق جي جذبن جو اظهار ملي ٿو. منظر نگاريءَ، هن جي شاعريءَ جو اهم عنصر آهي. هن جي شاعريءَ جا ٻيا سمورا عنصر، انهيءَ هڪ عنصر مان ورتل آهن. منظرنگاريءَ، تخيل ۽ عشق جي احساسن جي گڏيل ميلاپ سان هن هڪ نئون تجربو ڪيو آهي. هُو عشق جي جذبن ۽ احساسن کي منظرنگاريءَ ۽ تخيل ذريعي اظهاري ٿو.

شيام جا دوها، وڌ کان وڌ منظر نگاري، تخيل، انساني جذبن ۽ تجربن جا عڪاس آهن. هن جي دوهن جو پهريون دؤر، ترقي پسنديءَ ۽ روشن خياليءَ وارو آهي. انهيءَ دؤر جي دوهن ۾ سجاڳيءَ، بغاوت، طوفان، تبديلي ۽ روشني ۽ سياسي ڄار جهڙا موضوع شامل هئا.

دل ۾ عــزم لڪـــي رهيـــو آهـــ ســـجاڳ شـــعور،
پـڪ ڄاڻ تـہ نـاهي هينئر، شيام بغـاوت دور! (1)

سـانت ڏسـي هـئن سـطح تـي، آڻـين متـان گُمـان،
پاســا بـــدلائي رهيـــو تهـــ ۾ پـــڪ طوفـــان! (2)

وقت تـہ تبديلي ڪندو تون بـہ تـہ ڪـي ڳـڻ ڳـوت،
اس ۾ گهرجـــي چـــانورو اونـــداهيءَ ۾ جـــوت. (3)

باريـــڪ بلاشـــڪ بڻيـــو ڪـــوريئڙو جـــو ڄـــار،
پـر نـہ سياسـي ڄـار جي، نظر اچـي هـڪ تـار! (4)

شيام جي دوهن ۾ انتها درجي جي سادگي، معصوميت، رومانيت، جماليات ۽ پاڪيزگي ملي ٿي. هن جي سادگي، معصوميت، رومانيت ۾ بہ جيڪا ڳوڙهائي ۽ گهرائي سمايل آهي، اها شعر پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي پوري خوبصورتيءَ سان ظاهر ٿيندي آهي. هن دوهي جي اصل مزاج ۽ رس چس کي وڌيڪ نکاريو آهي. سندس دوهن ۾ موضوعاتي ۽ احساساتي لحاظ کان ڏاڍي ويراڻتي (Variety) ملي ٿي. هُن اهڙا موضوع چونڊيا، جيڪي دوهي جي مزاج ۽ ڪلچر سان ٺهڪندڙ هئا. شيام جي شاعري، پنهنجي دؤر جي ادبي ڌارا ۾ انفرادي حيثيت ان لاءِ رکي ٿي، جو اها ٻوليءَ اسلوب، پيشڪش، خيال، منظر نگاري، رومانس، جماليات ۽ احساساتي طور تي ٻئي سموري شعري ادب کان بنهہ مختلف ۽ منفرد آهي. شيام، دوهن ۾ جدت ۽ نواڻ، رومانس، منظر نگاري ۽ تخيل ذريعي پنهنجي تهذيب، ثقافت ۽ پنهنجي ماحول جا عڪس سمايا آهن.

بسنت جوين ڀُون جو اُن جي پيڙ هُڳاءَ،
ڦول ڦول جو هي ٽِڙڻ، سيني جو جڻ گهاءُ! (5)

ڦِري اکين ۾ سا ڇبي، ڪِلي ڪري گفتار،
شيام ڪنول تي ڀؤنر جئن، ڀري ڪري گنجار! (6)

گهرين تہ ٻڌجي آرسي، شبنم جي هر بُوند،
چنڊ بہ ڪرڻن جي ڦٽي، ناهي ڏيئي هؤند. (7)

شيام جي دوهن ۾ فن، فڪر، تخيلات، جماليات، موسيقي ۽ تخليقيت جون نيون وهندڙ شاهڪار ڌارائون (Trends) آهن. هُو دوهن ۾ هائيڪو وانگر منظرن کي سمائڻ سان گڏ، فطري اظهار ۽ تخيل جو ڪاريگر ۽ آرٽسٽ شاعر آهي. تخيل (Imagination) هڪ اهڙي سگهہ آهي، جنهن جي ذريعي ڳالهہ يا خيال کي شعر ۾ سمائڻ يا ڇاٽل سڄاتل، مشهور ۽ معروف شئي کي، نئين ڪُنڊ يا نئين اندازسان پيش ڪرڻ جو نالو آهي. تخيل جي ذريعي نئون احساس ۽ نئون خيال ڏيڻ، شيام جي دوهن جي خاص خوبي آهي. تخيل، جنهن جي ذريعي ڪنهن بہ منظر، ڪنهن بہ ڳالهہ کي نئون تخليقي رنگ ڏنو ويندو آهي. تخيل جي ذريعي ئي ڏٺل وائٺل منظر، عام ڳالهہ يا ڪو احساس نئون جنم وٺي الڳ تخليقي معنويت سان اسان جي آڏو اچي ظاهر ٿيندو آهي. شيام جا دوها، هن جي تخيل جو اعليٰ نمونو آهن.

ڪڪرن وانگي ڪن اکيون،
سنهڙي ڇات،
پيڙ ڪنوڻ جان تن منجهان،
پل پل ڏئي چمڪات. (8)

دوهي جي پهرين ڌَل (مصرع) ۾ عام احساس ۽ منظر آهي، پر ٻي دل ۾ "پيڙ" کي "ڪنوڻ" سڏڻ ۽ ڪڪرن وانگر وسندڙ اکين مان "چمڪات" ڪري "پيڙ" جو ظاهر ٿيڻ، شيام جي

تخيل جو ئي ڪرشمو آهي. دوهي جي پهرين ڏَل ۾ هڪ روان دوان ۽ متحرڪ منظر (عڪس) آهي ۽ دوهي جو ٻيو ڏَل، جذبي، احساس ۽ فڪر سان ڀرپور آهي. ٻي ڏَل ۾ بہ هڪ متحرڪ عڪس آهي. شيام ان متحرڪ عڪس سان خيال، جذبي ۽ "پيڙ" جي احساس کي ڪاميابيءَ سان اُڀاريو آهي. دوهي ۾ جذبي ۽ خيال جي شدت ۽ پيڙ جي احساس جو عڪس عجيب تاثر پيدا ٿو ڪري. شيام تخيل کان پينٽنگ جو ڪم ورتو آهي. هو هڪ مصور شاعر هو. سندس اڪثر دوها، حسين پينٽنگز آهن. هو دوهن ۾ Creative ۽ مصور شاعر نظر ايندو آهي.

"مصور پنهنجي پينٽنگ ۾ جيڪو ڪم رنگن کان وٺي ٿو ڪويتا جوڙڻ مهل ساڳيو رنگ پرڻ جو ڪم لفظن کان وٺي ٿو. وزن، موسيقي، نغمگي، لئي ۽ آهنگ کي مختلف شيڊز (Shade) ۽ ٽونز (Tones) طور استعمال ڪري، تصوير جي Depths کي واضح ڪندو، مختلف جذبن ۽ منظرن کي چٽيندو ويندو آهي." (9)

شيام پنهنجي دوهن ۾ منظرن، عڪسن، احساسن، جذبن ۽ عام ڳالهين کي پنهنجي تخليقي وجدان ۽ تخيل سان ٻيهر نئين سر تخليق ڪري نئون جنم ڏنو آهي. دوهي جي صنف ۾ اهو شيام جو هڪ تجربو آهي تہ هڪ ڏَل (مصرع) ۾ هڪ ڏٺل وائٺل منظر ڏئي ۽ ٻي ڏَل ۾ هڪ نئون عڪس تخليق ڪري، اُن ۾ احساس، جذبي، خيال ۽ فڪر جي شدت پري، اُن نئين تخليق ڪيل عڪس جو تاثر پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.شعر ۾ تجربو ڪنهن نئين شيءِ جي ڳولا، ڪو نئون رنگ تخليق ڪرڻ، فني يا فڪري طور تي نئين نرالي شيءِ تخليق ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي.شيام جا دوها، ٻين نمائنده سنڌي شاعرن کان الڳ ۽ منفرد سُڃاڻپ رکن ٿا.

لنوي لڪي ڪوئل سگهي، ايئن تہ نہ ٿيندو مُور،
لاتين جو هي سوجهرو، چمڪن وڻ، ڀَن، ٻُور. (10)

ان دوهي جي پهرئين ڏَل (مصرع) ۾ هڪ عام ڳالهہ ۽ عام منظر آهي، پر "لاتين جي سوجهري" سان "وڻ، ڀن ۽ ٻُور جو چمڪڻ" شيام جي تخيل جي تخليق آهي. ستر واري ڏهاڪي ۾ تخليق ڪيل استعارو، موجوده وقت ۾ بہ ڪهڙو نہ نئون نرالو منفرد ۽ جديد آهي. دوهي جي ٻي ڏَل ۾ شيام جي تخليق ڪيل عڪس سان روشني جي احساس ۽ خيال کي اُڀاريو ويو آهي.روشني ۾ ڪا شيءِ لِڪي نہ سگهندي آهي.شيام هڪ "روشن عڪس" تخليق ڪيو آهي. مٿئين دوهي ۾ هُن "لات" کي "سوجهري" جي اُهڃاڻ طور آندو آهي. شيام دوهي ۾ بہ هائيڪي وانگر نوان نوان منظر ۽ عڪس تخليق ڪري ٿو.شيام دوهي کي هڪ ننڍي ۽ مختصر نظم وانگي لکيو آهي. شيام جي دوهن جي اها خوبصورتي آهي، جو اُنهن جو پهريون ڏَل "عام" هوندو آهي ۽ هُو ڪمال ٻي ڏَل (مصرع) ۾ ڪندو آهي.ٻيو ڏَل، پهرين ڏَل ۾ ڪيل ڳالهہ يا خيال کي پُڄاڻي تي پهچائي، نظم وانگر ڪلائمڪس ڏئي ڇڏيندو آهي. دوهي ۾ اهڙي ڪاريگري رُڳو شيام وٽ ئي ملي ٿي.

رات ائـين هــا ســيج تــي، وتڙيــل تنهنجــا وار،
چــڻ شــاعر جــي ذهــن تــي، ربــط بنــا اشــعار. (11)

ٻہ خوبصورت رومانوي ۽ شاعراڻا عڪس آهن. هڪ منظر عام آهي ۽ ٻيو منظر خاص آهي، جيڪو شيام جي تخيل جي ڪاريگري جو هڪ نمونو آهي."خاص منظر"، عام منظر کي بہ خاص بڻائي ڇڏيو آهي. "سيج" کي "ذهن" سان ڀيٽڻ ۽ "وتڙيل وارن" کي "بي ربط اشعار" سان ڀيٽ ڏيڻ، شيام جو هڪ تخليقي ڪارنامو آهي.شيام پنهنجي تخيل(imagination)ذريعي ڪنهن منظر، ڳالهہ، احساس يا جذبي کي تخليقي معنويت جي سونهن ڏئي ڇڏيندو آهي.شيام جي دوهن جي معنوي سونهنڊسڻ، محسوس ڪرڻ ۽ غور ڪرڻ جهڙي هوندي آهي.

هِــن هُــن پَــن ســان پئــي لڳــي، مُڪــڙي ٻڻــي ســڏير،
هــاءِ جــوانيءَ جــي هــوا، ڦڙڪــي سـجو ســرير. (12)

سرير جي ڦڙڪڻ کي مُڪڙي جي لُڏڻ سا ڀيٽ ڏئي شيام دوهي کي مُڪڙي واري لوڏ ۽ سرير جي ڦڙڪڻ واري لرزش ڏئي ڇڏي آهي. هوا جي جهونڪي سان مُڪڙي جو پن پن سان لڳڻ ۽ جواني جي هوا سان هڪڙي جوان جسم جو ٻين جوان جسمن سان ٽڪرائڻ ۽ سرير جي ڦڙڪڻ ذريعي نفساني ڀاو جو عڪس، خوبصورتيءَ سان چٽيو ويو آهي.شيام نفساني احساس کي تخليقي رنگ ۾ رنگي پيش ڪيو آهي.

شــيام سُــڻائڻ لئــ اتــم، ڪنيــو پُراڻــو ســاز،
ســاز پُراڻــو سُــر نئــون، يُـگ مَتجڻ جــو راز. (13)

"پُراڻو ساز"، پُراڻي يُگ يعني گُذريل يُگ جي علامت، ۽ "نئون سُر"، نئين يُگ يعني موجوده يُگ جو اهڃاڻ آهي. "نئين سُر" سان هڪڙي پوري يُگ جي مَتجڻ جو معجزو صرف شاعري ۾ ئي ممڪن آهي. هڪڙي پوري يُگ جي تبديلي جي ڳالهہ اهڙي تخليقي انداز ۾ شيام ئي ڪري سگهيو پئي.

شيام جيترو پاڻ نفيس هو اوتري قدر ئي سندس شاعريءَ نفيس، ڪومل ۽ مُلائم آهي ۽ ڪيترين ئي نفاستن ۽ نزاڪتن سان ڀري پئي آهي. شيام دوهي کي فني ۽ فڪري تازگي، نوان ۽ انوکا احساس ۽ شعريت ڏئي، ان ۾ ايتري قدر لچڪ پيدا ڪئي ۽ ان کي ايترو تہ آسان بڻائي ڇڏيو جو ان ۾ مشڪل کان مشڪل موضوع ۽ موجوده دور جي مشيني زندگي کي دوهي جي سمورين نزاڪتن، نفاستن، موسيقي ۽ ردم سُميت سَرلتا سَهجتا سان سمائي سگهجي ٿو.

شيام فني ۽ فڪري تازگي، جدت، انوکن احساسن ۽ شعريت سان پنهنجي دور ۾ دوهي جي مزاج کي بدلائي ڇڏيو. شيام جي دوهي، اُن دور ۾ ادبي اُپ تي سُر مان نڪتل ساز وانگر گُونج ڪئي هئي.شيام جي دوهي ۾ اندروني قافيي ۽ رديف جا فني تجربا ملن ٿا.

گُــل پيمانــا رنــگ جــا، مــڌ رنــگ جــي سُــگنڌ،
ڏس ميخانــا رنــگ جــا، بــاغن ۾ هــر هنــڌ. (14)

ان دوهي ۾ اندروني قافيہ "پيمانا" ۽ "ميخانا" آهن ۽ رديف "رنگ جا" جو سَهج استعمال بہ ملي ٿو.شيام جي دوهن ۾ تخيل کان علاوه جدت جو رنگ بہ نمايان آهي.شيام دوهي ۾ ڪنهن بہ خيال کي نئين منظر، نئين انداز ۽ نئين زاويي سان پيش ڪري جدت جا رنگ پريا آهن. دوهي ۾ پيشڪش ۽ خيال جي نواڻ ۽ تازگي آڻڻ ۽ ڪنهن معمولي ڳالهہ ۽ خيال کي غير معمولي ڪري پيش ڪرڻ، شيام جي خاص خوبي آهي.

روپ وتـــي! آئـــينءَ ائـــين، گويـــا تـــي پريـــات،
پانيم ڇم ڇم ڇير جي، مٺي پکين جي لات. (15)

ڪنهن جي اڇڻ سان پرپات ٿيڻ ۽ ڇير جي ڇم ڇم کي پکين جي مٺي لات سان ڀيٽڻ، جدت جو سُهڻو مثال آهي.پرپات ٿيڻ سان سڀ کان اول، پکين جي لات ٻُڌڻ ۾ ايندي آهي. شيام ڇير جي ڇم ڇم کي پکين جي مٺي لات سان ڀيٽي، نہ رُڳو دوهي ۾ جدت جو رنگ پيدا ڪيو آهي، پر ايئن ڪرڻ سان پرپات ٿيڻ جي احساس کي شدت سان اُڀاريو آهي.

ڪـوڙي پاسـي هــر خوشـي، سـيبائي هــر سُــور،
شـايد پنهنجـي زنـدگي، آهـي نـم جـو ٻُـور. (16)

زندگي کي نم جي ٻُور سان ڀيٽي لفظ ڪوڙاڻ ذريعي، درد جي احساس ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. "ڪوڙي"، لفظ جو تخليقي استعمال ڪري، ان کي نئين معنيٰ ڏئي جدت پيدا ڪئي وئي آهي.شيام دوهن ۾ منظرن ۽ تخيل جي گڏيل امتزاج ۽ جدت کان علاوه تجسم (personification) ۽ بولي جو تخليقي استعمال بہ خُوب ڪيو آهي.تجسم جي ذريعي، قدرتي شين، غير جاندار شين ۽ جانورن ۾ انساني خاصيتون پريون ويندريون آهن. شيام دوهي ۾ تجسم جو استعمال خوبصورت نموني ڪيو آهي.

ڪانڌ ڇڪيس پاڀوهہ مان، ننڊ بہ پڪڙيس پير،
هلي جهُومندي مُرڪندي، مومل صبح سوير. (17)

هن دوهي ۾ "ننڊ جو پير پڪڙڻ"، تجسم جو اعلي مثال آهي. ان دوهي کي وسيع معنيٰ ۾ ڏسجي تہ: ڪانڌ، هڪ رشتو ۽ نفساني خواهش جو پُورائو ڪندڙ ذريعو آهي ۽ ڪانڌ جو پاڀوهہ مان ڇڪڻ مان مُراد، نفساني خواهش جو اظهار ڪرڻ، يا نفساني سنگم لاءِ سڏڻ آهي. "ننڊ بہ پڪڙيس پير"، تجسم جي خوبصورت مثال هئڻ سان گڏ، اويلي وقت يا رات جي آخري پهر ڏانهن اشارو ڪيل آهي. دوهي ۾ ظاهري طور تي ڪٿي بہ نفساني خواهش جي پُوري ٿيڻ يا نفساني سنگم جي ڳالهہ ڪيل ناهي، رُڳو دوهي جي ٻي ڏَل (مصرع) ۾ "جهُومندي مُرڪندي هلڻ"، رات واري سنگم ڏانهن پاڪيزه اشارو آهي. دوهي ۾ نفساني سنگم ۽ ميلاپ کي بہ شيام پاڪيزگي بخشي ڇڏي آهي، جو ان مان (sex) يا شهوَت جو احساس اُڀري نہ سگهيو آهي.

شيام جي دوهن ۾ تجسم جا جهجهي انداز ۾ ملي ٿو.

رات ڪٿوري هرڻ جئن، ويئي ڏيندي ڇال،
ويئي، پر ويئي ڇڏي، خوشبوءِ پريا خيال. (18)

رات جو هرڻ جئن ڇال ڏيڻ تجسم جو سهڻو مثال آهي.

شهنائيءَ جا سُر مڌر، چُوڙين جي جهنڪار،
ڪئن نه ڪنواريءَ رات ۾، شيام لساريا وار. (19)

ڪنواريءَ رات جو وار لسارڻ به تجسم جو خوبصورت نمونو آهي.

جديد سنڌي دوهي ۾ فني لحاظ کان به اسڪول آف ٿاٽ رهيا آهن. هڪ شيخ اياز جو اسڪول آف ٿاٽ ۽ ٻيو شيام جو اسڪول آف ٿاٽ. شيام جي اسڪول آف ٿاٽ جو تعلق دوهي جي روايت (دوها ڇند) سان آهي. انهيءَ لاءِ هُن دوهي جي روايت جي سختي سان پابندي ڪئي. اياز ۽ شيام جديد سنڌي شاعريءَ جا به نمائنده شاعر آهن. ٻنهي شاعرن جديد سنڌي شاعريءَ کي فني ۽ فڪري لحاظ کان نوان لاڙا ۽ نيون سمتون ڏنيون. ٻنهي شاعرن لوڪ ڪلاسيڪل شعري صنفن کي شعري نزاڪتون ۽ وسعتون بخشيون. شيام جا هيٺيان شعري مجموعا ڇپيل آهن:

1. ماڪ ڦڙا (1953ع- سانيٽ، نظم ۽ گيت) 2.پنکڙيون (1955ع- رباعيون ۽ سانيٽ)3.رنگ رتي لهر(1957ع- غزل)4. روشن ڇانورو(1962ع- دوها، سورٺا ۽ ترائيل5.ماڪ ڀنا رابيل (1964-گيت، وايون، هائيڪا، دوها، بيت، سانيٽ، ترائيل ۽ رباعيون)6. واريءَ ڀريو پلاند (1968ع- غزل)7. آڇيندي لڄ مران (1972ع- وايون ۽ آزاد نظم)8. مهڪي ويل صبح جي (1983ع – غزل)9. نه سو رنگ نه سا سرهاڻ (1987ع- نظم، سانيٽ، ترائيل، گيت، وايون ۽ قطعا)10. بوند، لهرون ۽ سمنڊ (1987ع –غزل)11. ذات ۽ حيات (1988ع –غزل)12. راهون پنڌ ٻيون (غزل-ڪليات)13. نکريو آهي نينهن (شاعريءَ جو ڪليات)

## نتيجو:

نارائڻ شيام جي دوهن ۾ ترقي پسندي ۽ روشن خيالي، منظر نگاري ۽ رومانس، تخيل ۽ منظر جو گڏيل امتزاج آهي. هن جي دوهن ۾ تخيل ۽ منظر جي ذريعي عشق جي جذبن جو اظهار ملي ٿو. هن جا دوها، هائيڪو رنگ آهن. هن جي دوهن جو پهريون دور ترقي پسندي ۽ روشن خيالي وارو آهي. هن جي انهيءَ دور جي دوهن ۾ سياسي سجاڳي، بغاوت، طوفان، تبديلي، روشني ۽ سياسي موضوع آهن.

شيام جي ٻي دور جي دوهن ۾ رومانيت، جماليات ۽ تخليقيت جون نيون وهندڙ شاهڪار ڌارائون (Trends) آهن. هُو دوهن ۾ هائيڪو وانگر منظرن کي سمائڻ سان گڏ فطري اظهار ۽ تخيل جو ڪاريگر ۽ آرٽسٽ شاعر آهي.

## حوالا:


1. شيام، نارائڻ، نکريو آهي نينهن (1999ع)، مرتب: مصطفيٰ نانگراج، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ص44.
2. ساڳيو ص:44
3. ساڳيو ص:43
4. ساڳيو ص:42
5. ساڳيو ص:41
6. ساڳيو ص:42
7. ساڳيو ص:37
8. ساڳيو ص:41
9. حسيني، سحر امداد، شاعر شعور شاعري(2008ع)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص11.
10. شيام، نارائڻ، نکريو آهي نينهن (1999ع)، مرتب: مصطفيٰ نانگراج، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ص55.
11. ساڳيو ص: 36
12. ساڳيو ص: 37
13. ساڳيو ص:44
14. ساڳيو ص: 49
15. ساڳيو ص:36
16. ساڳيو ص:54
17. ساڳيو ص: 51
18. ساڳيو ص: 51
19. ساڳيو ص: 52